# ڇا هن هاڃي کي نئين قومي اڏاوت ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو؟




سنڌ ۾ هيلَ آيل هن وڏيءَ ٻوڏ لڳ ڀڳ هر شيءِ کي ٻوڙي، نِهوڙي ۽ لوڙهي ڇڏيو آهي. سموري سنڌ بي وسيءَ، نڌڻڪائيءَ، اَويساهيءَ، مايوسيءَ ۽ بربباديءَ جي هڪ اهڙي تصوير پيش ڪري رهي آهي، جيڪا وطن، قوم ۽ عوام سان پيار ڪندڙ هر ماڻهوءَ جي هانءُ ۾ وَڍَ وجهي رهي آهي. سنڌ جي تاريخ جي هيءَ وڏي ٻوڏ نہ رڳو سنڌ جي انڌي منڊي زرعي معيشت، ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن جي انفرا اسٽرڪچر، گذر جي وسيلن ۽ ماڻهن جي اَلهہ تَلهہ کي پنهنجن وهڪرن سان گڏ لوڙهي وئي آهي، پر پاڻ سان گڏ انيڪ سوال پڻ ڪٽي آئي آهي، جن جو جواب اسان کي هڪ قوم ۽ سماج طور عملي طور ڏيڻو آهي.

انساني تاريخ اهڙن هزارين، لکين ۽ اڻ ڳڻين هاڃن سان ڀري پئي آهي، جن پنهنجي پنهنجي دؤر ۾ يا تہ قومن کي مڪمل طور نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيو، يا ڪين ڏاڪي بہ ڏاڪي اهڙن بحرانن مان ڪڍي پنهنجي نئين قومي اڏاوت لاءِ بنياد ۽ اُتساهہ ڏنو. انساني تاريخ اهڙين موتمار ۽ هيبتناڪ آفتن جهڙوڪ: جنگين، زلزلن، طوفانن، ٻوڏن، ڏڪارن ۽ غير معمولي لڏپلاڻ سان ڀريل آهي، جن هڪ طرف انسانن لاءِ غير معمولي تباهيون آنديون تہ ٻئي طرف انساني تاريخ کي اڳتي وڌڻ جا گَسَ پڻ ڏنا. سنڌي قوم انساني تاريخ جي انهن چند ڀاڳ وارين قومن مان هڪ آهي، جن پنهنجي تاريخ ۾ هيستائين ڪي وڏا غير معمولي بحران نہ ڏٺا آهن. سنڌ جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڊگهين ۽ وڏين جنگين، وڏن زلزلن، طوفانن، گهرو ويڙهہ، ڏڪارن ۽ عظيم قدرتي آفتن جو ڏَس پتو نٿو ملي. نہ رڳو ايئن پر سنڌي قوم جا اِهي وڏا ڀاڳ رهيا آهن تہ ڪين ڪروڙين ايڪڙ آباد زمين، چار موسمون، درياهہ، سمنڊ، واهہَ، ڍنڍون، ڍورا، جبلَ، ميداني علائقا، ٿَر ۽ تاريخي شهرن جهڙيون نعمتون حاصل پئي رهيون آهن. سنڌ تاريخي طور هڪ اهڙو ديس رهيو آهي، جنهن ۾ آباديءَ جي ڀيٽ ۾ وسيلا وڌيڪ رهيا آهن ۽ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم کي مجموعي طور فطرت ڪنهن داڏلي ٻارجيان پئي پاليو ۽ تاتيو آهي. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌ جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو بحران سنڌ جي پاڪستان ۾ شموليت کان پوءِ شروع ٿيو، جيڪو نہ رڳو بدستور هلي رهيو آهي، پر ڏينهون ڏينهن اُهو وڌيڪ بدترين ۽ پيچيده شڪليون اختيار ڪري رهيو آهي. سنڌ جي شهرن تي هندستان مان آيل پناهگيرن جا قبضا، پاڪستان جي رياستي ڍانچي تي پنجاب جي حڪمران طبقي جي هڪ هٽي، تاريخي طور مرندڙ وڏيرڪي ۽ جاگيردار طبقي جو نئون سياسي، سماجي ۽ معاشي جنم ۽ وڌندڙ سگهہ، دهشتگردي، لاقانونيت، غربت، نڌڻڪائي، بي وسي ۽ محتاجي سنڌ کي پاڪستان جي رياست جا ڏنل تحفا آهن يا ٻين لفظن ۾ اُها سنڌ کي پاڪستان ۾ شموليت جي نتيجي ۾ مليل اُها سزا آهي، جنهن جو اڃا تائين ڪو بہ اَنٺ يا ڇيهُہ نظر نٿو اچي.

جنهن سنڌ ۾ تاريخي طور سدائين سکن شاخون پئي ڪيديون آهن، ان جي موجوده نسل لاءِ پاڪستان جي رياست اندر هيءُ موجوده گهڻ_طرفو بحران شايد ان جي سَهپ ۽ موجود سگهہ کان گهڻو آهي، ان ڪري ان جي عارضي ۽ وقتي مايوسي هڪ حد تائين فطري بہ لڳي ٿي. سنڌ ۾ آيل هن وڏي ٻوڏ ان احساس کي شايد وڌيڪ سنگين ۽ پوائتو ڪري ڇڏيو آهي، جو ماڻهن جي

اڪثريت حالتن جو مقابلو ۽ مزاحمت ڪرڻ لاءِ جڻ تہ خود قياسيءَ ۽ نِراسائيءَ جي ڪيفيت ۾ ورتل آهي. اسان ڪي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ ڏک، تڪليفون، اَهنجَ، ايذاءَ، آفتون ۽ تاريخ جا ڳرا بار يا فطرت جون بي رحميون رڳو ماڻهن، سماجن ۽ قومن ڪي رڳو ڏاهينديون ۽ ڪمزور نہ ڪنديون آهن. پر پس و پيش سندن تربيت ڪري، سندن لِڪل ذهني، احساساتي ۽ فِڪري سگهہ کي دريافت ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ نيون قوتون تخليق ڪرڻ جو سبب ۽ محرڪ پڻ بڻبيون آهن. ان ڪري هيءَ ٻوڏ بہ وقتي طور پاڻ سان گڏ وڏا نقصان تہ کڻي آئي آهي، پر جيڪڏهن اسان هڪ زندهہ، سگهاري ۽ تخليقي سماج طور فطرت ۽ رياست جي ناڪاميءَ جو هيءُ چئلينج گڏيل طور قبول ڪريون تہ هن صورتحال کي نہ رڳو آسانيءَ سان منهن ڏئي سگهجي ٿو، پر ان کي هڪ نئين گڏيل روحاني سگهہ ۽ نئين سنڌ جي اڏاوت جي جذبي ۽ عمل ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.

## قدرتي آفت يا رياست جي ناڪامي؟:

سنڌ ۾ آيل ان غير معمولي ٻوڏ کي عام طور قدرتي آفت سڏيو پيو وڃي، پر حقيقت اها آهي تہ هيءَ صورتحال فطرت جي ڏمر جي نتيجي ۾ نہ پر رياست جي نااهليءَ، ناڪاميءَ ۽ مجرمانہ لاپرواهيءَ جي نتيجي ۾ سامهون آئي آهي. مون گذريل ڪجهہ ڏينهن کان ذاتي طور ڪيترن ئي علائقن جو دورو ڪيو آهي ۽ سڄي صورتحال پاڻ اکئين وڃي ڏٺي آهي، پر مون کي هڪ بہ اهڙو مهاڻو نہ گڏيو، جنهن درياهہ جي هن سرمستيءَ کي قدرتي آفت سڏيو هجي. درياهہ جي ادائن، وهڪرن، لهرن، سرمستيءَ ۽ ڪُسناڪيءَ توڙي فيضَ کي مهاڻن کان وڌيڪ ٻيو پلا ڪير سڃاڻي سگهي ٿو؟ مهاڻا ئي درياهہ جا حقيقي شناس ۽ شارح ٿي سگهن ٿا. درياهہ قومن کي ڏنل قدرت جون عظيم سوکڙيون آهن، جيڪي هزارين ۽ لکين سالن ۾ رَچي راس ٿين ٿيون. سنڌو درياهہ جنهن کي ”درياهن جو اَبو“ يا ”شينهن درياهہ“ سڏيو ويندو آهي، ان جي هيءَ هاٺوڪي سرمستي تہ سنڌ لاءِ ڀاڳ ۽ خوشحاليءَ جا خوشگوار سَنيها کڻي پئي آئي، جنهن کي آبپاشي کاتي ۽ رياستي ادارن جي لاپرواهيءَ ۽ ناڪاميءَ اسان لاءِ بدبختيءَ جي علامت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. جنهن بيدرديءَ ۽ بي رحميءَ سان سنڌ جي ڪچي جا ٻيلا نابود ڪيا ويا، درياهہ جي پيٽ ۾ آبادڪاريون وڌايون ويون، درياهہ جي بندن کي پڪو ڪرڻ تہ ڇا پر اُنهن کي لاوارث حالت ۾ ڇڏيو ويو ۽ ان جي ڪنارن تي بيٺل سمورا وڻ ڪپي، اُنهن بندن کي اڏامندڙ مٽيءَ ۽ واريءَ جي دڙن ۾ تبديل ڪيو ويو، ان صورتحال ۾ ظاهر آهي تہ درياهہ جو پاڻي ۽ سرمستي ماڻهن کي ٻوڙيندي نہ تہ ٻيو ڇا ڪندي؟ فطرت ۽ اُن جون نعمتون جڏهن اسان کي پنهنجي سگهہ، سلامتي، خوشحالي ۽ وسيلا آڇين ٿيون تہ موٽ ۾ اُهي اسان کان اُهي گهربل محبتي رويا، سنڀالَ ۽ پنهنجي سلامتي پڻ گهُرن ٿيون. فطرتي ماحول اسان کي اهو ئي ڪجهہ آڇيندو، جيڪو اسان ان کان پنهنجن روين، منصوبن ۽ مفادن پٽاندر گهُرنداسون. جي فطرت جي وسيلن ۽ ماحول کي چورن، ڌاڙيلن ۽ رهزنن جيان لتاڙبو، تباهہ ۽ برباد ڪبو تہ ظاهر آهي تہ موٽ ۾ فطرت ۽ ماحول پڻ اسان کي ٻاجهہ، سلامتي، سک ۽ ڪسناڪي آڇڻ بجاءِ تباهيون ۽ بربادين ئي آڇيندا. ان ڪري سالن کان پوءِ درياهہ جي ورپل مستيءَ کي قدرتي آفت سڏڻ بجاءِ اُن کي حڪومتن ۽ رياستي ادارن جي نااهليءَ ۽ مجرمانہ لاپرواهيءَ سان تعبير ڪرڻ گهرجي. ان ڪري هيءَ درياهہ جي دهشتگردي نہ پر آبپاشي کاتي جي ڏهاڪن کان ٿيندڙ مسلسل ڪرپشن ۽ سنگين لاپرواهيءَ جو نتيجو آهي، جنهن ۾ انتظام ئي اهڙو ڪيو ويو آهي، جو درياهہ ۾ پاڻي ايندو تہ اُهو ماڻهن، آبادين، ٻنين، وسندين ۽ وسيلن کي ٻوڙي ئي سگهي ٿو. ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ هيءَ ٻوڏ هڪ لازمي حادثو هئي، ڇاڪاڻ تہ اُن لاءِ سمورا گهربل انتظام اڳ ئي ڪيا ويا هئا.

سنڌ ۾ رياست جي ناڪاميءَ ۽ نااهليءَ جي نتيجي ۾ آيل هن تباهيءَ وقتي طور ماڻهن جا حوصلا پست ڪري ڇڏيا آهن، پر ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ان موقعي تي رياست ۽ حڪومت کان وٺي سماج جو پڻ سنجيدگيءَ سان جائزو ورتو وڃي ۽ رڳو

روڄَ راڙي، پِٽڪي، واويلا، اوڇنگارن ۽ خود قياسيءَ بجاءِ هن صورتحال کي پنهنجي لاءِ هڪ وڏو قومي چئلينج سمجهي سمورن لاڳاپيل بنيادي سوالن تي غور ڪيو وڃي ۽ ان جي نتيجي ۾ مستقبل لاءِ ڪا نئوس رٿابندي ڪئي وڃي، ٻيءَ صورت ۾ هيءَ تباهي هڪ نئين اُتساهه ۽ اڏاوت جي عمل ۾ تبديل ٿيڻ بجاءِ وڌيڪ تباهيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿي، جنهن جا امڪان پڻ موجود آهن. هونئن به قومن جي ڪردار ۽ سَگهه کي معمول جي حالتن ۾ نه پر سنگين بحرانن ۽ چئلينجن جي موقعن تي ڏٺو ۽ پرکيو ويندو آهي ته اُهي ڪهڙيءَ سوچ، جذبي، رويي ۽ ڪردار سان ڏکين حالتن جو مقابلو ڪن ٿا ۽ پنهنجن ڏکن کي طاقت ۾ تبديل ڪري سگهن ٿا يا خود قياسيءَ جي ڏُٻڻ ۾ ڦاسي بحرانن جي ڪَنَ ۾ ڪِرن ٿا.

هڪڙي ڳالهه صاف نظر اچي ٿي ته سنڌ ۾ آيل هيءَ تباهي سنڌي سماج تي پڻ گهڻ_طرفا ۽ گهرا اثر ڇڏيندي، جيڪي رڳو وقتي نه پر ڊگهي مدي وارا هوندا. اهڙن موقعن تي قوم جي حقيقي ذهني ۽ فِڪري ليڊرشپ جو ڪم هوندو آهي ته اُها قوم کي صحيح ڏِڳ ڏي ۽ رڳو مسئلن، مصيبتن ۽ تباهين تي ماتم ڪرڻ بجاءِ مستقبل جي تعمير جو ڊسڪورس شروع ڪري ۽ عوام کي خود قياسيءَ مان ڪڍي ڪين سندن غير معمولي صلاحيتن، انساني وسيلن ۽ منجهن لِڪل ۽ اڻ دريافت ڪيل قوتن ۽ سگهه جو ادراڪ ڏي. چين ۾ سنڌ ۾ آيل هن ٻوڏ جي ڀيٽ ۾ هزارين ڀيرا وڌيڪ خطرناڪ ٻوڏون تاريخ ۾ بار بار آيون آهن، جن ۾ لکين ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا. ٻي مهاڀاري جنگ ۾ جرمني لڳ ڀڳ ستر سيڪڙو تباهه ۽ برباد ٿي چڪو هو، روس ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ پنهنجا سوا ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو مارايا، جپان ايٽمي بمن سان تباهه ڪيو ويو، پر اڄ اُهي ملڪ هڪ نئون جنم وٺي تاريخ ۾ اڳ جي ڀيٽ ۾ هزار ڀيرا وڌيڪ سگهارين قومن جي حيثيت ۾ بيٺا آهن. ايئن انساني تاريخ هزارين المين سان ڀريل آهي، پر جيڪڏهن قومون پنهنجي حوصلي، ارادي، سوچ، احساس، رٿابنديءَ ۽ حڪمت عمليءَ ۾ سگهاريون ۽ مستقبل بين آهن ته پوءِ قومن جي تاريخ ۾ آيل وقتي بحرانن ۽ تباهه ڪارين جو ڪردار سخت تربيت، تلخ تجربي ۽ ڏکئي امتحان کان وڌيڪ ڪابه حيثيت نٿو رکي.

اچو ته سنڌ ۾ آيل هن تباهه ڪاريءَ جي نتيجي ۾ اُٿيل ۽ اُٿندڙ يا اُٿي سگهندڙ اُنهن بنيادي سوالن تي هڪ نظر وجهون، جيڪي هن تاريخي هاڃي کي نئين قومي اڏاوت جي جذبي ۾ تبديل ڪري سگهن ٿا.

## ٻوڏ ۽ سماجي تبديليون:

سماجي تبديليءَ جو عمل هونئن ته معاشري ۾ پنهنجي فطري اُوسر ۽ رفتار جي حوالي سان هر وقت جاري رهي ٿو، پر اوچتيون آيل سماجي، سياسي، معاشي، فطري ۽ ماحولياتي آفتون ۽ مصيبتون پڻ انساني تاريخ ۾ سماجي اُٿل پٿل ۽ تبديليءَ جو وڏو سبب رهيون آهن. غربت، ٿي خوشحاليءَ ۽ انيڪ وسيلن سبب سنڌ جو ماڻهو تاريخ ۾ گهٽِ ي پاڳي لڏپلاڻ کان هميشه پاسيرو رهيو آهي، جنهن جي ڪري سنڌي ماڻهن تي اهو الزام به لڳندو رهيو آهي ته اُهي سست ۽ ڪاهل آهن، ان ڪري اُهي پنهنجي گهر، ڳوٺ يا شهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته سنڌي سماج جي اهڙي رويي جو مکيه سبب سستي ۽ ڪاهلي نه، پر خوشحالي ۽ مناسب وسيلن جي هوندَ رهيو آهي. جڏهن ماڻهن کي گهر ۽ ڳوٺ ۾ مڃي ماني ميسر هوندي ته اُهي هرو ڀرو ڇو لڏيندا؟ ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ ۾ معاشي بحران ۽ سماجي اُٿل پٿل تڏهن آئي، جڏهن ميرن جي دَؤر ۾ سنڌو درياهه پنهنجو ڀيٽ بدلايو. هن ڀيري سنڌو درياهه ۾ آيل ٻوڏ جي نتيجي ۾ لڳ ڀڳ سنڌي ماڻهن جي آباديءَ جو ٽيون حصو لڏپلاڻ جو شڪار ٿيو آهي، جيڪا ڳالهه عارضي طور ته ڏکي ۽ ڏکوئيندڙ لڳي ٿي، پر جيڪڏهن ان کي سماجي تبديليءَ جي لحاظ سان ڏسجي ته پس و پيش اِها لڏپلاڻ ۽ نئين پيدا ٿيل صورتحال ماڻهن جي سماجي روين ۽ سوچ ۾ تبديليءَ

جو وڏو سبب بڻبي. ڇاڪاڻ تہ اُهي هن لڏپلاڻ جي نتيجي ۾ نئين ماحول، نَون مسئلن، نون اُتساهن توڙي مايوسين ۽ مختلف سطح ۽ نوعيت جي ماڻهن سان وسيع تر رابطي ۽ ڳانڍاپي جي تجربن مان گذرندا، جنهن جو ڪين هينئر احساس نہ ٿيندو، پر اڳتي هلي ان جا گهڻ_طرفا ۽ غير معمولي مثبت توڙي منفي اثر سندن زندگين تي واضح طور نظر ايندا. ماڻهو اهو عملي طور ڏسندا ۽ شدت سان محسوس ڪندا تہ هن ڏکيءَ مهل سندن واهَر اُهي پيا ڪن، جن جو سندن ڳوٺ، ويڙهي، راڄ ۽ ڪڙم سان پري جو تعلق بہ نہ آهي. اهو تجربو هنن لاءِ نئون هوندو. سنڌ ۾ معياري تحقيق جو ڪلچر تمام گهٽ آهي، نہ تہ انهن موضوعن تي وڏي سنجيده تحقيق جي گهرج آهي، جيڪا اسان کي مستقبل جي رٿابنديءَ ۽ حڪمت عمليءَ لاءِ وڏيءَ حد تائين ڪم اچي سگهي ٿي. جيڪڏهن ماڻهن جي مايوسيءَ ۽ بيوسيءَ کي اُتساهہ ۽ زندگيءَ جون نيون راهون تلاش ڪرڻ جي سوچ ۽ جستجوءَ ۾ تبديل ڪيو ويو، تہ يقينن اها وقتي ڏکوئيندڙ صورتحال غير معمولي طور بهتر نتيجا پڻ آڻي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ان ريت سنڌي سماج جي روايتي، مدي خارج ۽ رجعت پسند سماجي ڍانچن ۾ ڏار پوڻ شروع ٿيندا ۽ سماج هڪ حد تائين تبديليءَ جي نَون مرحلن مان گذرندو. هن صورتحال ۾ جڏهن عوام ڏسي رهيو آهي تہ سندن زندگين تي وڏو اثر رکندڙ وڏيرا، نام نهاد چڱا مڙس، سردار، نواب سندن سهائتا لاءِ ڪوبہ ڪردار ادا نہ ڪري رهيا آهن، تڏهن ماڻهو هڪ ڀيرو وري شدت سان سندن زندگين مٿان انهن روايتي حڪمران طبقن جي اثر ۽ هڪ هٿيءَ تي سنجيدگيءَ سان غور ڪندا ۽ ضرور دل ئي دل ۾ اهي حتمي نتيجا ڪڍڻ تي مجبور ٿيندا تہ اهي ڦورو طبقاتي جوڙون رڳو سندن سماجي، سياسي ۽ معاشي توڙي روحاني رَتُ ئي پي سگهن ٿيون، پر ڪنهن طرح بہ سندن مدد، واهر ۽ سنڀال نٿيون ڪري سگهن. مختلف ڪيمپن جي دؤري دوران مون ماڻهن جي اکين ۽ نگاهن ۾ ان ادراڪ جو چِٽو اظهار ڏٺو. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌي سماج ۾ هن اوچتي پيدا ٿيل هڪ موتمار صورتحال جي نتيجي ۾ سماجي تبديليءَ جو عمل پنهنجي پراسس ۾ آهي، پر اُهو سماجي نراجيت جي صورت ۾ اُڀري اسان جو رهيل قومي سماجي ٿورُ بہ چَٽُ ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن ان کي وڏيءَ سوچ، رٿابنديءَ، حڪمت عمليءَ ذريعي مثبت رُخ ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وئي ۽ اهو ڪم سياسي پارٽيون، سول سوسائٽي، ميڊيا ۽ سماج جا ٻيا ذميوار فرد، ادارا ۽ شعبا اثرائتي نموني ڪري سگهن ٿا. هن صورتحال ۾ ٻوڏ متاثر ماڻهن کي کاڌو ۽ خوراڪ يا ڪپڙا ۽ دوائون ڏيڻ سان گڏوگڏ انهن سان ڳالهائڻ ۽ مسلسل ڳالهائڻ جي ضرورت آهي. انهن جي ذهني حالت کي سمجهڻ ۽ مٿن مثبت طور اثرانداز ٿيڻ جي گهرج آهي. مردن، عورتن ۽ ٻارڙن سان الڳ الڳ مسلسل رابطي ۾ رهي کين ذهني طور هڪ نئين دؤر ۾ داخل ڪري سگهجي ٿو. اين جي اوز، سياسي پارٽيون، استاد، اديب، شاعر ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن جا سجاڻ ماڻهو اهو ڪردار اثرائتي نموني ادا ڪري سگهن ٿا ۽ سماجي تبديليءَ جي هن عمل کي نہ رڳو تيز پر مثبت رخ ڏئي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح سنڌ کي وچولي طبقي کي بہ عوام سان سڌيءَ ريت ڪم ڪرڻ، کين سمجهڻ، کين سمجهائڻ ۽ هڪٻئي تي اثرانداز ٿيڻ جو موقعو ملندو.

## ٻوڏ ۽ سياسي تبديليون:

هونئن تہ سنڌي سماج پاڪستان جي ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ سياسي طور گهڻو اُسريل ۽ اڳتي وڌيل آهي، پر ان باوجود جيئن تہ سماجي ڍانچن جو سياست تي لازمي طور اثر پوي ٿو، ان ڪري سياسي شعور جي اڳتي وڌيل شڪل جي موجودگيءَ جي باوجود سنڌ ۾ بهرحال حڪمران طبقن ۽ سندن اسٽيٽسڪو جي نمائنده پارٽين جو اثر حاوي آهي. سياسي طور سنڌي عوام جي گهڻائي هڪ طرف پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پنيان هلڻ تي مجبور آهي تہ ٻئي طرف اُن جا ٻيا حصا مسلم ليگ فنڪشنل، رياست جي پاليل ۽ تاتيل نام نهاد بااثر وڏيرڪن خاندانن جي رحم ڪرم تي آهن. سنڌ جي وچئين طبقي جي وطن دوست

سياست اڃا دانهُن، ڪوڪن، احتجاجن، ڌرڻن، جلسن جلوسن ۽ لانگ مارچن کان اڳتي وڌي، وسيع تر عوامي ۽ تنظيمي شڪل اختيار نہ ڪئي آهي. سنڌ ۾ آيل هن ٻوڏ جي نتيجي ۾ جتي وڏي پئماني تي سماجي ۽ معاشي تبديليون اينديون، اُتي سياسي تبديليون پڻ اٽتر آهن. حڪومت جي ڪارڪردگي عوام جي سامهون آهي، جنهن وٽ وسيلا ڪٽي گهٽا نہ بہ هجن، پر وٽن وڏو ڏڪار سنجيدگيءَ، عوام سان ڪمٽمينٽ، صحيح رٿابنديءَ ۽ گهربل سرگرم ذميوار ڪردار جو آهي. حڪومت پنهنجيءَ پر ۾ وڏو ڪم ڪندي هوندي پر جڏهن سنڌ جي ٻڏي ويل ڳوٺن، فصلن، شهرن ۽ ڪيمپن ۾ ترسيل ڪسمپرسيءَ جو شڪار ماڻهن ڏانهن ڏسجي ٿو تہ اُتي تہ ڪاريءَ وارا ڪَکَ آهن. پاڪستان پيپلز پارٽي جيڪا سنڌ ۽ پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي پارٽي آهي، تنهن جا هزارين جيالا ۽ لکين ڪارڪن توڙي اڳواڻ ماڻهن کي پاڻ سان گڏ بيٺل نظر چو نتا اچن؟ پيپز پارٽيءَ هڪ پارٽيءَ توڙي حڪومت جي حيثيت ۾ هن ڀيري بہ مثالي غير سنجيدگيءَ، نااهليءَ ۽ بد انتظاميءَ جو جيڪو مظاهرو ڪيو آهي، اُهو نہ رڳو ماڻهو اکين سان ڏسي رهيا آهن، پر اهو سڀ ڪجهہ تاريخ جي صفحن ۾ رڪارڊ پڻ ٿي رهيو آهي. متحده قومي موومينٽ جي باري ۾ تہ هونئن بہ ماڻهن کي ڪا غلط فهمي نہ آهي، پر هن ڀيري ٻوڏ جي نتيجي ۾ ڪجهہ هزار سنڌي ڏتڙيل خاندان ڪراچيءَ جي ڪيمپن ۾ پهتا آهن تہ سندن حواسن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ اُهي سڌيءَ ريت جنرلن کي مارشل لا هڻڻ جون آڇون ڪري رهيا آهن.سڄي عمر وڏيرن ۽ جاگيردارن سان اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيواري ڪندڙ ڌر کي اوچتو اها خبر پئي آهي تہ جاگيردار ۽ وڏيرا جمهوريت ۽ عوام جا سڄڻ نہ آهن. هونئن تہ هر موقعي تي ايم ڪيو ايم پاڻ کي هميشہ وائکو پئي ڪيو آهي، پر هن ڀيري تہ هنن پاڻ کي مڪمل طور وائکو ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي آهي. ٽئين طرف سنڌ جا روايتي وڏيرا، سردار ۽ جاگيردار جيڪو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن، اُهو دنيا ۽ عوام آڏو واضح آهي.

ان سموريءَ صورتحال ۾ سوچڻ جوڳو سوال هيءُ آهي تہ جڏهن سنڌ جي لڳ ڀڳ ٽيون حصو آبادي، هر لحاظ کان دربدر هجي ۽ سندن واهر لاءِ روايتي سياسي ڌريون رڳو ڏيکاءَ وارا ڏَنڊ ڏيکارڻ کان اڳتي نہ وڌنديون هجن تہ پوءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اها سموري صورتحال يقيني طور سنڌي سماج جي روايتي سياسي بيهڪ ۾ اُٿل پٿل آڻي، اُن جي توازن کي تبديل ڪندي. سوال آهي تہ ڇا سنڌ جي هيٺئين وچئين ۽ وچئين طبقي سان واسطو رکندڙ سياسي ڌرين وٽ ان صورتحال جو ڪو ادراڪ ۽ ان لاءِ گهربل سوچ ۽ رٿابندي آهي؟ ڪڏهن ڪڏهن وڏيون وڏيون مصيبتون، چئلينج ۽ عذاب رڳو منفي نہ پر گهٽ‌ِن حوالن کان مثبت نتيجا پڻ آڻينديون آهن يا اُن جو سبب ۽ ذريعو بڻبيون آهن. سنڌ جي وطن دوست ۽ عوام دوست قومي ۽ روشن خيال سياسي پارٽين کي هن اوچتي آيل آفت کي پنهنجي بهتر آئيندي ۽ سنڌي سماج جي اندر سياسي تبديليءَ جي هڪ زبردست موقعي طور وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن سنڌ جون قومي ۽ روشن خيال وطن دوست پارٽيون هن ڏکيءَ محل رڳو ڏيکاءَ خاطر نہ، پر سچ پچ ماڻهن جي واهر ڪن، ساڻن مسلسل رابطي ڪاريءَ ذريعي سندن سياسي سوچ تي اثرانداز ٿين ۽ پنهنجين تنظيمن اندر ان لاءِ گهربل رٿابندي ڪن، تہ مان سمجهان ٿو تہ اُهي پنهنجيءَ موجوده حالت جي ڀيٽ ۾ هزار ڀيرا وڌيڪ سگهاريون ٿي سگهن ٿيون ۽ پاڻ کي حقيقي طور عوامي پارٽين ۾ تبديل ڪري سگهن ٿيون، پر ظاهر آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ رڳو اخبارن ۾ تصويرون ڇپائڻ خاطر سامان جون چار ٿيلهيون ورهائڻ سان ڪونہ ٿيندو. سنڌي ماڻهوءَ جي هڪ نرالي خصوصيت اها بہ آهي تہ اُهي ڏکيءَ مهل ساٿن ڪنهن جا ڀريل ڀيرَ ڪڏهن بہ نہ وساريندا آهن. هن بدترين صورتحال ۾ سنڌ جي وطن دوست قومي ۽ روشن خيال پارٽين لاءِ زبردست موقعو آهي تہ اُهي هن هاڃي ۽ بحران کي سنڌي سماج ۾ سياسي تبديليءَ جو سبب ۽ وسيلو سمجهي، اُن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪن تہ مان سمجهان ٿو تہ اُهي حقيقي طور وڏين عوامي پارٽين ۾ تبديل ٿي سگهن ٿيون، پر ان لاءِ ڪين پنهنجين صفن

۾ پڻ بنيادي تبديليون آڻيون پونديون. ڳالهين جو ڳهير ٿيڻ بجاءِ باعمل ٿيڻو پوندو. پنهنجين صفن مان ڏوهاري ۽ موقعي پرست عنصرن کي ڪيڏڻو پوندو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته پنهنجين پارٽين جي سياسي ڪلچر کي حقيقي معنيٰ ۾ جمهوري بڻائي اُنهن کي عوام جي ملڪيت ۾ تبديل ڪرڻو پوندو.

## ٻوڏ ۽ معاشي تبديليون:

ڪنهن به معاشري جي اصل طاقت اُن جي معاشي سگهه هوندي آهي ۽ دراصل معاشي پيداواري ذريعا ئي اسان جي سماجي روين، سياسي سوچ ۽ سگهه جو تعين ڪندا آهن. سنڌ ۾ آيل هن ٻوڏ جتي زندگيءَ جي هر شعبي کي لوڏي هڪ ڏڪ سان تبديل ڪري ڇڏيو آهي، اُتي سنڌي سماج جي معاشي بيهڪ ۾ پڻ بنيادي نوعيت جون تبديليون اڀٽر آهن. سنڌي ماڻهن جو وڏو حصو زرعي معيشت سان لاڳاپيل آهي، جڏهن ته اُن جو هڪ ننڍڙو اقليتي حصو شهري معيشت ۾ پنهنجا پيرَ ڪوڙڻ لاءِ جاکوڙيندو ۽ جتن ڪندو رهيو آهي، پر جيئن ته ٻهراڙيءَ جي زمينن جو وڏو حصو وڏيرن ۽ شهري معيشت مڪمل طور ٻاهران آيل ڌارين جي هٿ وس رهي آهي، اُن ڪري سنڌي پورهيت عوام جي اڪثريت جو معاشي پير نه ٻهراڙيءَ ۾ ٿو کپي ۽ نه شهر ۾. سنڌ ۾ آيل هن ٻوڏ جا جتي ٻيا ڊگهي مدي وارا اثر پوندا، اُتي لڏپلاڻ جو شڪار ٿيل لکين ماڻهن جي معاشي زندگيءَ ۾ پڻ وڏي تبديلي ايندي. ڇاڪاڻ ته پاڻيءَ جي لهي وڃڻ کان پوءِ به سمورا ماڻهو واپس وري پنهنجي اڳوڻي نارمل معاشي زندگي جي شروعات ڪري سگهن، اهو ممڪن نه آهي. ڇاڪاڻ ته اُنهن جي اڪثريت جو الهه تلهه وڃائجي چڪو آهي، ماڻهن جون ٻنيون، ڍور ڍڳا، گهر ۽ وسنديون مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪيون آهن، ان ڪري انهن متاثر ماڻهن جي آباديءَ جو چڱو انگ پنهنجي لاءِ نيون معاشي راهون تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

ان سڄيءَ صورتحال جي گِهري مشاهدي کان پوءِ مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته جيڪڏهن انهن لکين تباهه حال ماڻهن لاءِ گهربل معاشي رٿابندي نه ڪئي وئي ۽ اُن ۾ حڪومت سميت سڄي معاشري سرگرم ۽ مثبت ڪردار ادا نه ڪيو ته سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ سماجي ۽ معاشي انارڪي بدترين ڏوهاري نفسيات ۽ ڪلچر کي جنم ڏيندي. ماڻهن وٽ پوئتي ڪجهه نه بچيو آهي ۽ جيڪڏهن کين جياپي ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ ڪي سنوان سڌا ۽ عزت ڀريا معاشي گَس نه مليا ته پوءِ لازمي طور ان جي نتيجي ۾ ماڻهو بي وسيءَ، نڌڻڪائيءَ ۽ ردعمل جي منفي نفسيات جي صورت ۾ ڏوهن طرف مائل ٿيندا. جنهن جي نتيجي ۾ ٻوڏ جي خطرناڪ نتيجن کان هيستائين بچيل ماڻهو به وڌيڪ سلامت رهي نه سگهندا. اهو اندازو مون کي ڪجهه ڪيمپون ڏسڻ ۽ ان دوران ماڻهن سان سڌيءَ ريت ڳالهائڻ ۽ سندن ذهني ۽ احساساتي ڪيفيت کي محسوس ڪرڻ سان ٿيو.

پر هن سموريءَ صورتحال کي مثبت رُخ ۾ پڻ وٺي وڃي سگهجي ٿو ۽ اُن ۾ حڪومت، ميڊيا، سِول سوسائٽي، سياسي پارٽين توڙي سماج جي سمورن سجاڳ ۽ سرنديءَ وارن ماڻهن کي پنهنجو گهربل ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت ٻيو نه ته اُنهن ماڻهن جي آبادڪاريءَ لاءِ ڪراچيءَ ۾ وڏي پئماني تي انتظام ڪري. جي اسان 5 کان ڏهه لک ماڻهو ڪراچيءَ ۾ آباد ڪرڻ ۾ ڪامياب وياسون ته اهو هن تباهيءَ جو هڪ وڏو فائدو هوندو. سنڌي ماڻهن ۽ حڪومت کي تاريخ هيءُ زبردست موقعو ڏنو آهي ته اهي سنڌين جي ڪراچيءَ ۾ وڏيءَ سطح تي آبادڪاريءَ لاءِ گهربل سنجيده اُپاءَ وٺن ۽ ان لاءِ رٿابندي ڪن. حڪومت کين رهائشي پلاٽن سان گڏ ٿوري معاشي مدد پڻ ڪري. جڏهن ته غير سرڪاري ادارا عالمي ادارن جي مدد سان انهن لکين ماڻهن جي هنري تربيت لاءِ اُپاءَ وٺن. خاص طور تي اُهي هنر، جيڪي شهري زندگيءَ ۾ معاشي روزگار جو سبب بڻجي سگهن ٿا. سنڌ ۾ ڪيترائي ادارا خانگي سطح تي ننڍا قرض ڏين ٿا، ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اهڙا ادارا پنهنجن

ننڍين خانگي قرضن جي اسڪيمن ڪي انهن ماڻهن لاءِ وقف ڪن ۽ گهٽ ۾ گهٽ سنڌن لاءِ پنجن ڪان ڏهن سالن جا منصوبا جوڙين. اها هڪ مجيل حقيقت آهي ته ڦريل، لٽيل، لتاڙيل ۽ مصيبتن جي ماريل ماڻهن ۾ عام ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ذهني ۽ احساساتي سگهه ٿيندي آهي ۽ اُنهن منجهه اها صلاحيت هوندي آهي ته اُهي تيزيءَ سان پنهنجي ٿيل نقصان جو ازالو ڪري پنهنجي جياپي جا نوان گَس ڳولين. پر ظاهر آهي ته اهو سڀ ڪجهه هو اڪيلي سر پاڻ مرادو نٿا ڪري سگهن. اُن لاءِ ڪين وڏيءَ سطح تي سهڪاري انتظام گهرجي.

## تباهيون ۽ تبديليءَ جو عمل:

جيئن اسان متي بار بار ذڪر ڪري آيا آهيون ته انساني تاريخ جي ترقيءَ ۽ اوسر جو عمل رڳو سنئين سڌي طريقي سان اڳتي نه وڌيو آهي ۽ نه وري ان ۾ مثبت ڳالهين ئي بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. انساني تاريخ ڪي جتي سنئين سڌي اوسر جي عمل، وسيلن، خوشين، ڪاميابين ۽ اُتساهه اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏني آهي، اُتي تبديليءَ جي پيچيده مرحلن، ڏکن، تڪليفن، مصيبتن، آفتن، جنگين، زلزلن، ٻوڏن، شڪستن، ڏڪارن ۽ گهڻ طرفين تباهڪارين پڻ وڏو اهم ڪردار ادا پئي ڪيو آهي. دنيا جي سمورين قومن پنهنجيءَ اوسر ۽ ترقيءَ جي سموري سفر ۾ اهڙا انيڪ مرحلا ڏٺا آهن. قومون ۽ معاشرا عروج ۽ اوج کان ڪِري تنزل جو شڪار ٿي مرٽينگ ۽ تباهه حال ٿي سگهن ٿا ۽ بظاهر نِيل، مرٽينگ، ڪمزور، هيٺا، ناڪامياب، شڪستون کاڌل ۽ لتاڙيل قومون ۽ معاشرا پنهنجون توانائيون گڏ ڪري نئين حوصلي، ارادي، رٿابنديءَ ۽ حڪمت عمليءَ سان جڏهن ته ڪَرَ موڙي اُٿي بيهي سگهن ٿا ۽ رڳو اُٿي بيهي نه پر عملي تدبيرن سان پنهنجون تقديرون تبديل ڪري زوال کان عروج ۽ اوج تي پهچي سگهن ٿا. ان ڪري تاريخ ۾ عروج ۽ زوال، ڪاميابيون ۽ ناڪاميون، هيٺائي ۽ سگهه ڪي حتمي، بيٺل، غير متحرڪ يا تبديل نه ٿي سگهندڙ شيون نه آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هن صورتحال ۾ روح رڙي، پِٽڪي، خود قياسيءَ، بدحواسيءَ ۽ ذهني انتشار بجاءِ پنهنجين سمورين توانائين ۽ قوتن کي گڏ ڪيو وڃي ۽ سنڌ ۾ اوچتو آيل هن وڏيءَ تباهيءَ کي سنڌ جي نئين تعمير لاءِ هڪ موقعي ۽ فرض ۾ تبديل ڪيو وڃي.

جيئن چرچل چيو هو ته. "جنگ ايڏو حساس معاملو آهي، جو ان کي رڳو جرنيلن حوالي نٿو ڪري سگهجي." تيئن قومن جي سگهه ۽ تعمير به ايڏو حساس معاملو آهي جو اُن کي رڳو هڪ ناڪام رياست جي نااهل ادارن ۽ ڪرپٽ حڪومتن جي حوالي نٿو ڪري سگهجي. سنڌ ۾ آيل هن تباهيءَ اسان کي هڪ ڀيرو وري اهو موقعو ڏنو آهي ته اسين نه رڳو هڪ قوم پر زنده قوم هجڻ جو ثبوت ڏيون ۽ اهو ثبوت رڳو ٺلهين خواهشن، ڏک جي اظهار، حڪومت جي مذمت ۽ متاثر ماڻهن تي رحم کائڻ تائين محدود نه هئڻ گهرجي. هن تباهيءَ کي سنڌ جي نئين قومي اڏاوت لاءِ هڪ موقعي ۾ اسين تڏهن ئي تبديل ڪري سگهون ٿا، جڏهن اسان مان هرهڪ هن سموري عمل ۾ ذهني، احساساتي، جسماني، سياسي، سماجي ۽ معاشي طور پنهنجي پنهنجي پتيءَ جو ڀرپور ڪردار ادا ڪري. مون کي يقين جهڙو ويساهه آهي ته ڪروڙين ذهن، روحَ، دليون، اکيون، زبانون ۽ هٿَ جيڪڏهن سچ پچ به عملي طور متحرڪ ٿين ته هن قومي هاڃي کي هڪ نئين قومي سگهه ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. اچو ته اسين سڀ پنهنجي پنهنجي ذهن، روح ۽ ضمير کان پڇون ته ڇا اسين هن سفر ۾ پنهنجي حصي جي وِڪ کڻڻ لاءِ عملي طور تيار آهيون؟

روزاني عوامي آواز، ڪراچي، 23 ۽ 24 آگسٽ 2010 ع